# ”....پکي سُونهن پنهنجي“

شامي، اصل اِن طرح لهر ۾ اچي وهندي، اهڙي ڪالهه ته دروهه ڪڏهن به ڪانه سوچي هئي. شاميءَ جي پر واريءَ جڳهه ۾ آئي، کيس ٻه مهينا گذري ويا هئا، پر شاميءَ کي سڏائين سنجيدي ٿي ڏٺو هئائين. دروُ پهرين ته ”آنٽي آنٽي“ ڪري سڏيندي هئس، پر شاميءَ جي ناراض ٿيڻ تي ”دادي“ ڪري سڏڻ لڳي هئس.

داديءَ لاءِ عزت ۽ پيار به هوس. ويتر جو داديءَ جو پوٽيجو شادي ڪرڻ لاءِ ولائت مان اچي، داديءَ وٽ لٿو ته دروُ چڻ شاميءَ جي نندي ڀيڻ ٻڌجي وئي. ڳالهه وچي چوڪري پسند ڪري آيون ته ڪپڙو ٻه ڳالهه وٺي آيون ....

مگر لاڏن مهل شامي هن طرح ”تتوُ تتوُ“ ڪندي آئي نچڻ نچائڻ لڳندي، اهڙو کيس خواب خيال به ڪين هو. دروهه کيس زنده دليءَ سان نچندو ڏٺو ته سندس سڄي جسم ۾ به خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. خوشيءَ ۾ چوڻ لاءِ ته هوءَ پنهنجو فلئٽ به ڇڏي آئي هئي!....

لاڏي هلندي، ”تو لاءِ سپاهي ٻه گهرايان؟ وزير سڏايان؟ راجا کي ميڄايان.“ ”ڇو ته سهڻي؟ ڪڇو اوڇاڻو؟“ چوندي جو سڻي ڪٿي دروهه ڏانهن نهاريو

ته درد سچي سڪورجي سوڙهي ٿي وئي، زالون ڪيس
ٿهائين وڏيڪ چمڙڻ لڳيون. ڏاڍا ڪلها ڪليا چرچا ڪشق
لڳيون. درو ته ڪڏهن ڀهڙي محفل ڏٺي ٿي نه هئي.
سندس لونڊڙين ۾ ڪنهن جي پاپڙين ۾ خون ٽڪڙو ٻوڙڻ
لڳو. هتڙ سان منهن ڪٺي ڏيکاڙيون. سچيءَ محفل ۾
ٺهڪڙو پئجي ويو.

شاميءَ، چمچي سان دهل مٿان ٺڪ ٺڪ ڪندي،
"پيهو ٻولي تن ۾" شروع ڪري ڇڏيو. وچ وچ ۾
ساڪيون هلو لڳيون. واهو سنڌيل سوز ۽ درد سان ڀرجي
ويو. درد پاڻ کي سنڌ تي ترنڊڙ ٻوڙيءَ ۾ لڏندو
محسوس پئي ڪيو. پاڻ ساڪيون نه پئي چئي سگهي،
پر وٺيس اهڙو جو دل پئي ٿيس ته پنو پيتسل ڪٺي لکي
وٺي. ليڪن ڪيس سنڌي لکڻ ڪٿي ٿي آئي؟

ساڪي ڏيهه مهل دهل جي ٽڪ ٽڪ بند ڪئي ٿي
وئي. ان ڪري ساڪي ڏيهه واريءَ جو آواز وڏيڪ سرهاو
۽ دردناڪ پئي لڳو. هڪڙي پنهنجان وڌيڪ ۽ وڌيڪ
درد فراق جون ساڪيون پئي ڏنائون. جي:

"سڄڻ وڃين ٿو پرديس ته ميرو ٿي گهمجانءِ،
ڌوبيءَ ڌونا ڪپڙا مٿور نه پائجانءِ،
هردم ياد ڪجانءِ ته پتنگڙي اٿئي هن ديس ۾."

اما ساڪي ٻڌندي ته هڪڙي ننڍيءَ نينگيءَ جو من
جهليو ٿي نه ٿيو، هوءَ روئي پيئي. ڳوڙها لڪائڻ لاءِ
اٿي ٻاهر هلي وئي.

شاميءَ چيو، "چنڊيو هاڻي ساڪيون، وهاريون گهوڙن
کان وڇڙيل دليون وجهلي ٿيون پون. مون هيڏيءَ ساريءَ
سيٽن سچٽن واريءَ کي به روئڻ پيو اچي."

سيني کان ٺهڪ نڪري ويو.

دروءَ من ۾ ڄهاتي پاتي تہ ڪيس به پنهنجو من
بلڪل ڳؤرو محسوس ٿيو. ۽ شاميءَ شروع ڪري ڇڏيو:

"ٻارڇو، منهنجو ولائت کان ٿو اچي."

هڪڙيءَ پڇيو، "آدي پوءِ ڪا ڪٽ ٻٽ گهرائي
اٿيئي ٻاروچي لاءِ؟"

ٻيءَ جواب ڏنو، "چو نہ آدي، هالن مان جنڊيءَ
جي ڪٽ گهرائي اٿم."

دروءَ پڇيو، "جنڊي ڇا؟" ليڪن ايترو آهستي چيو
جو رڳو شامي ئي ٻڌي سگهي.

شاميءَ هٿن ۾ ڪنڌ کي لوڏو ڏياري چيو، "ماٺ
ڪر ماٺ، مائي! ٻناپ جي گاديلي وارو پلنگ ٺهرايو
اٿم، سنڌ فنيچر واري کان."

ٻهرينءَ چيو، "ڀلا وڳو ڪهڙيءَ ولائت کان
گهرايو اٿيئي؟"

ٻيءَ چيو، "چين ولائت کان."

شاميءَ پٽ تي هٿ جي ترئيءَ سان ٺڪ هڻي چيو،
"هٽ مٽي چيني کي، وڳو تہ ولي آڻي آهيان گانڌي
...ارسيٽ منجهان."

ڪلڪو پنجي وڃو ۽ پهو لاڏو شروع ٿي ويو،
"ڇٺؤن ڇري پري، ڳهوٽ ماءُ ٿو ڳهري."

سچي ڳهوٽ ماءُ ته ولائت ۾ وڃي هئي. پر ڳهڙيون شاميءَ کي ٿي ڪٿيون هيون، ان ڪري سڀئي شاميءَ کي ٿي شرطائون لڳيون.

چون پيون، "ڪنوار پيءُ ٿو لاءِ وڳا ٺهرائي رکيا آهن .... مگر جي سوناري کان ساهه ڳهڙائي رکي اٿس .... چندو حلوائيءَ کان حلوي جا ٿالهه ڀرايا اٿس، پڌاءِ ڳهوٽ ماءَ، وجهن ٿي ڪانءَ ٿي وجهن؟" شامي پلئه سان منهن ڍڪي، "نه نه" ڪندي رهي. زالون ڪيس ڪلڪتي بنگلور، اجمير احمدآباد، دهلي پوني، ڪانڊيدام سندونگر ۽ سند وغيره جي عجيب غريب شهر جا ڏس ڏسنديون رهيون پر شاميءَ جي هٿي اِها ٿي مڪني هاٿيءَ واري ڪنڌ ڌُوڻ.

آخر ڪنهن چيس، "پلا هيليڪاپٽر تنهنجي ڳهمائڻ لاءِ گهرايو اٿس."

ٻيءَ چيس، "اڙي وينگس، اسپوتنڪ ۾ چاڙهي چنڊ تي ٿو وٺي هلوٺي..."

پر شاميءَ جا هٿا ڏاڍا نخرا. نئين ڪنوار وارو گهونگهٽ ڪڍيو پيئي ڪنڌ ڌوڻي. هڪڙيءَ وڏيءَ عمر واريءَ زال ته ڏک هڻي چيس، "نياڻي چوري! کهڙي ڳهاري ڳهٽ ٿي پوئي؟ پاڻ پرجي ٿرجي ايندين." مگر شاميءَ جو اهو ئي نئو اڪر.

نيٺ هڪڙي ناڙي وڄائي آئي ٻڌي چيو، "ڪنوار ايءُ، ڪنوار سنهيرائي، تنهنجي پٽ لاءِ."

شامي به گهونگهٽ ڪولي آئي ويٺي. هڪ چولهه تي …يو هٿ لوڏيندي چوڻ لڳي، "ٻار ٻچا ڀاڳي ڪرڻو، سيٺاڻ به ٿي وڃان."

درو پنهنجن پيرن تيل وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي ڏاڍي عجب ۽ شوق سان هي ته، ترندو تيار تيل ناٽڪ ڏسي رهي هئي.

اوچتو هڪ ننڍي نيٽي ڳاڙهي ڳٽڪي عورت مٿي تي ساڙهيءَ جو پٽڪو ٻڌي لڪڻ هٿ ۾ ڪٽي وچ ۾ اچي نچڻ لڳي ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ لڪڻ ني آڪڙجي … لڳي، "ڏس ٻڍي جي ڏاڙهي، مان ٻڍو آهيان؟"

سيٺي گڏجي چوڻ لڳيون، "ها ماريا ٻڍو آهين."

درو ته ڪلي ڪلي پٽي ڪيرو ٿي. ڳاڙهي پٽڪي هيڏانهن اچي نراڙي، ڪمان جهڙا پروڻ، نوڪيلو نڪ ۽ ڳاڙها …ڙا چپ هئا. درو ته جوانڙيءَ جي منهن مان اک ئي … پٽي ڪيڏي سگهي. چوڪري به ڪا! ناچ ۾ پرپٽ … ڏني. شروع جو ڪيائين، "هوجمالوا" ته ڇيڄ پٽجي … ويئي. سڀ ننڍيون وڏيون آئي، پير ڪٽڻ لڳيون ۽ ناڙيون … لڳيون. درو به پاڻ روڪي نه سگهي.

رتن جڏهن شام جو آفيس مان موٽيو تڏهن دروءَ … گهر ۾ نه ڏسي سمجهي ويو ته ڀاڳي واري گهر ۾

وڃي هوندي، جتان ناچ راڳ جا آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيس. اڄ هو پاڻ ئي اُتي وڃي ڇانهه ڏاهڻ لڳو.

درو، رتن جي اِها زال هئي. پهرين زال جلد ئي مري وئي هئس. اولاد به ڪونه ڇڏي وئي هئي. ان ڪري نازڪ نينگريءَ دروءَ جو، رتن ڏاڍو خيال رکندو هو. پوءِ به درو خوش نه هئي، سندس شڪل پيلي ٿيندي ٿي وئي. هڪ ڏينهن نروس جي حالت ۾ رڙ ڪري چيائين، ”ڪيو مون کي هن قلعت منجهان، نه ته اڪيلائي مون کي کڻڪائي ويندي.“

رتن پڇيو، ”مان جو آهيان. پاڙي ۾ ايترا گهر آهن، پوءِ به تون اڪيلي!...“

دروءَ چيو، ”توهين ڇا سمجهو ڏينهن مون سان ڇا وتا آهيو؟ ۽ هي پاڙي جا گهر آهن يا بمبئي جا قيد ڪوٺ آهن؟ هي پڻ پڻ جاتين جون زالون پاڻ کي سمجهن الائجي ڇا پيئون، نه رلئيون ملئيون، نه ڪلئيون ڪڏئيون. پنهنجيءَ ئي ۾ پوريون آهن.“

رتن سمجهي ويو هو ته دروءَ کي ڇاجي گهرج هئي. هفتو به مشن مائٽن ۽ دلالن پٺيان ڊڪ ڊوڙ ڪري هڪ سنڌي ڪالوني ۾ مسواڙي جاءِ ڳولي آيو. جاءِ دروءَ کي به پسند آئي. ليڪن ٿورو ڊڄي چيائين، ”ڏسو، مان ته رهي آهيان هندستان ڪان ٻاهر، جتي سنڌياڻيون کي ورلي رهنديون هيون. هتي الائجي ڪيئن هن پاڙي جي سنڌياڻين سان هري سگهنديس....“

رتن ھٿائيندي چيو ھوس، ”ٻيو نہ ڪر، سنڌي ورڻي ٻہ پنھنجا آھن.“ ۽ جڏھن دروھ سچ پچ ٿي ٻاڙي پاردن سان ھري ويئي، تڏھن رتن چيو ھوس، سچ چيو اٿس، ”راڻي چاھي ٻانھي، ٻڪي سو ٿيو پنھنجي.“

دروھ جڏھن دھل جي ڌمڪ، ناچ جي ڌج ڌج ۽ آنت جي گونج ڪٿي گھر ۾ آئي، تڏھن ڏسي تہ گھوٽس وٺي چانڊھ ٿاھي. ڪلي چيائين، ”مون کي چيو نہ سڏيو. تو پري ٿورو ٿي ويئي ھئس.“

”اڙي راڻي! مسين مسين تہ سنڌين جي محفل ۾ وڃي روح ريتو ھوندو، سو آن ۾ ڪيئن رکنو وجھندس.“

دروھ کلي چيو، ”سنڌياڻين محفل واہ جي مچائي ھئي. ٻيلي آھن سچ پچ زنده دل. اصل ڳالھہ ۾ راڄو ٿاھي ٿيون وٺن.“

”تڏھن ڇا سمجھيو اٿيئي. سنڌي دماغ آھي موھن جي دڙي وارو، نج اصل دماغ. ڪو اڄڪلھہ جو ولايتڪ جو دماغ ڪونھي.“

”مون کي تہ اڳي سنڌي وڻندا ئي ڪونہ ھئا.“

”ڀلا سنڌين سان گڏ رھي ڇا نہ ھئينء. اسڪول ۾ پڙھينء انگريزي تہ ناچ ٻہ سکينء انگريزي. شڪر اھي جو سنڌي تہ ڳالھائي سگھين ٿي.“

”ولايت ۾ ھجيو ھو تہ آئي گھر ۾ سنڌي ڳالھائيندي ھئي. اڄ انھيء سنڌي ڳالھائڻ ٿي تہ بچائي ورتو

اٿم، نہ تہ هن پاڙي ۾ ٻہ جيڪر مان پاڻ کي اوپري ۽ اڪيلي محسوس ڪريان ها."

"ڇهبو تہ توتي سنڌيائين جي محفل جو رنگ چڙهي ويو آهي،" چوندي رتن شرارتي نموني مشڪيو.

درو، لاڏن جي محفل تان موٽي هئي تہ سندس موهن ٿي نکري آئي هئي. خون ۾ ڏاڍي حرارت اچي ويئي هئس. پتيءَ جو هٿ پنهنجي ڳل تي رکي چيائين، "ڏسو تہ تپي لوهہ ٿي ويا آهن.... آلا، سنڌيائيون ڳاريون تہ ڪيئن ڏين ٿيون!"

رتن کلي چيو، "شاديءِ مراديءَ ۾ تہ ڳاريون هرڪنهن جاتيءَ ۾ ڏينديا آهن. پهار وچان ڏنل ڳاريون تہ گهري جذبات جو ۽ پنهنجائيءَ جو اظهار هونديون آهن...."

دروءَ ڏاڍي ناز آدا سان ڦيرو پائي چيو، "ها، توهين تہ بس انهين ٿي چوندا." سندس اکين جي ڪنڊن مان مستي پئي ٽپڪي.

"اهو پلا ڪوئي سنڌي ناچ سکي آئي آهين ڇا؟"

رتن هيترن ڏينهن کان پوءِ دروءَ جي ڳلن ۾ لالائي ڏسي بهار بهار ٿي ويو هو.

---